# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1987
# SINDH ACT NO.II OF 1987
# سنڌ ڪچيون آباديون ايڪٽ، 1987
# THE SINDH KATCHI ABADIS ACT, 1987
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. اوور رائيڊنگ افيڪٽ

Overriding effect

3.وصفون

Definitions

4.اٿارٽي جو قيام

Establishment of the Authority

5.اٿارٽي جو انتظام

Administration of the Authority

6.گورننگ باڊي جي جوڙجڪ

Constitution of the Governing Body

7.ميمبرز جي نااهلي

Disqualification of the members

8.ميمبرز کي معاوضو ۽ الائونسز

Remuneration and allowances to members

9.ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ برطرفي
Appointment and removal of Director General
10.عملدارن، صلاحڪارن ۽ ملازمن جي مقرري
Appointment of Officers, Advisors and employees
11.اٿارٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Authority
12.اٿارٽي جو ڪاروهنوار ۽ گڏجاڻيون
Disposal of the business and Meetings of the Authority
13.چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions the Chairman
14.ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Director General
15.ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي جوڙجڪ
Constitution of the Coordination Committee
16.ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جا ڪم
Functions of the Coordination Committee
17.اٿارٽي، چيئرمين ۽ ڊائريڪٽر جنرل طرفان اختيارن جي منتقلي
Delegation of powers by the Authority, Chairman and Director General
18.مالياتي، فني صلاحڪاري ڪميٽي
Financial Technical Advisory Committee
19.ڪچي آبادي جو اعلان
Declaration of Katchi Abadi
20.ڪچين آبادين جي ترقي ۽ سڌارو
Development and improvement of Katchi Abadis

21.اسڪيمون

Schemes

22.فنڊ

Fund

23.قرض، گرانٽس، امداد ۽ تحفا

Loans, grants, aids and gifts

24.سيڙپڪاري ۽ فنڊ جو استعمال

Investment and utilization of the Fund

25.بجيٽ

Budget

26.اڪائونٽس ۽ آڊٽ

Accounts and Audit

27.بهتري جي في

Betterment fee

28.رهتن جي اوڳاڙي

Recovery of Dues

29.ڏنڊ

Penalty

30.ڏوهه جو ازالو

Cognizance of offence

31.هدايتون ڏيڻ لاءِ حڪومت جو اختيار

Power of Government to give directions

32.اٿارٽي جي معاملن جي ڪارڪردگي تي رپورٽ

Report on the conduct of the affairs of the Authority

33.ڪچي آبادي جي منتقلي

Transfer of Katchi Abadi
34.قدمن ۽ ڪاررواين جو موثر هئڻ
Validation of acts and proceedings
35.ٻين قانون ساز باڊيز جي اختيارن جو استعمال
Exercise of powers of other Statutory Bodies
36.اپيلون
Appeals
37.اٿارٽي جا ملازم سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا
Functionaries of the Authority deemed to be public servants
38.دائره اختيار تي پابندي
Bar of Jurisdiction
39.ڇوٽ
Indemnity
40.قاعدا
Rules
41.ضابطا
Regulations
42.رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties
43.منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1987
# SINDH ACT NO.II OF 1987
# سنڌ ڪچين آباديون ايڪٽ، 1987
# THE SINDH KATCHI ABADIS ACT, 1987

[26 مارچ 1987]

**ايڪٽ جنهن ذريعي ڪچين آبادين جي علائقي جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ گنجائشون فراهم ڪرڻ ۽ اهڙين ڪچين آبادين جي مستقلي ۽ اهڙي مقصد لاءِ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي؛**

تمهيد (Preamble)

**جيئن ته ڪچين آبادين جي علائقي جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ گنجائشون فراهم ڪرڻ ۽ اهڙين ڪچين آبادين جي مستقلي ۽ اهڙي مقصد لاءِ اٿارٽي جو قيام ضروري ٿي پيو آهي؛**

**ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:**

## باب ــ I
## شروعاتي
## Chapter_I
## Preliminary

مختصر عنوان ۽

1.(1) هن ايڪٽ کي ڪچيون آباديون ايڪٽ، 1987

سڏيو ويندو.

(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.

(3)حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن ايراضي کي هن ايڪٽ جي سمورين يا ڪنهن هڪ گنجائش کان آجو قرار ڏئي سگهي ٿي.

(4)اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ 7 اپريل، 1986 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو.

شروعات
Short title and commencement

2.هي ايڪٽ موثر هوندو جيستائين وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نہ هجي.

اوور رائيڊنگ افيڪٽ
Overriding effect

3.(1) هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي تيستائين:

وصفون
Definitions

(i) "اٿارٽي" مطلب دفعہ 4 تحت قائم ڪيل سنڌ ڪچي آبادي اٿارٽي؛
(ii) "بجيٽ" مطلب اٿارٽي جي سالياني ڪمائي ۽ خرچ جو سرڪاري بيان؛
(iii) "چيئرمين" مطلب گورننگ باڊي جو چيئرمين؛
(iv) "ڪميٽي" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ڪوآرڊينيشن ڪميٽي؛
(v) "ڪائونسل" مطلب سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 تحت جوڙيل ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن، ميونسپل ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽي يا ٽائون ڪميٽي؛

(vi) ”ڊائريڪٽر جنرل“ مطلب اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل؛

(vii) ”فنڊ“ مطلب اٿارٽي جو فنڊ؛

(viii) ”گورننگ باڊي“ مطلب دفعہ 6 تحت جوڙيل گورننگ باڊي؛

(ix) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(x) ”ڪچي آبادي“ مطلب هن ايڪٽ تحت اهڙيءَ ريت اعلانيل ڪچي آبادي ۽ ان ۾ شامل آهي هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ ڪنهن قانون تحت اهڙيءَ ريت اعلانيل ڪچي آبادي؛

(xi) ”ميمبر“ مطلب اٿارٽي جو ميمبر ۽ جنهن ۾ شامل آهي چيئرمين؛

(xii) ”بيان ڪيل“ مطلب قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(xiii) ”ضابطا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(xiv) ”قاعدا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛

(xv) ”اسڪيم“ مطلب اسڪيم جيڪا هن ايڪٽ تحت تيار ڪئي، شروع ڪئي يا عمل ۾ آندي وئي هجي؛

(xvi) ”ٽربيونل“ مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل ٽربيونل.

(2) لفظ ۽ اظهار جيڪي هن ايڪٽ تحت بيان نہ ڪيا ويا هجن، جيستائين مفهوم ڪجھ ٻيو نہ گھرجي، انهن کي ساڳي معنيٰ هوندي جيڪا انهن کي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ڏنل آهي.

## باب _II

## اٿارٽي جو قيام ۽ گورننگ باڊي جي جوڙجڪ

## Chapter_II

## Establishment of the Authority and Constitution of the Governing Body

**اٿارٽي جو قيام**
**Establishment of the Authority**

4.(1) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي سنڌ ڪچي آبادي اٿارٽي سڏيو ويندو.

(2) اٿارٽي باڊي ڪارپوريٽ هوندي جنهن کي حقيقي وارثي ۽ اختيار سان گڏ عام مهر هوندي، جيڪا هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڪا ملڪيت، ٻئي متحرڪ ۽ غير متحرڪ حاصل ڪري، رکي ۽ نيڪال ڪري سگهندي ۽ اها ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3)اٿارٽي جا هيڊ ڪوارٽرز ڪراچي ۾ هوندا.

**اٿارٽي جو انتظام**
**Administration of the Authority**

5. (1) اٿارٽي جي عام هدايت ۽ انتظام ۽ ان جا معاملا گورننگ باڊي وٽ هوندا، جيڪا سمورا اختيار استعمال ڪندي ۽ سمورا ڪم ۽ شيون ڪندي جيڪي اٿارٽي طرفان استعمال ڪيا يا ڪيا وڃڻا هيا.

(2) گورننگ باڊي پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندي منصوبابندي، ترقي ۽ ٻيهر ترقي ۽ ڪچين آبادين ۾

هائوسنگ ۽ ري هائوسنگ جي اهڙن جوڳن اصولن تي عمل ڪندي ۽ پاليسي جي معاملي تي وقت بوقت حڪومت طرفان اهڙين هدايتن سان رهنمائي ڪئي ويندي، جيڪي حڪومت ڏئي.

(3)جيڪڏهن سوال اٿي ته معاملو پاليسي جو آهي يا نه آهي ته حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

**گورننگ باڊي جي جوڙجڪ**
**Constitution of the Governing Body**

6.(1) گورننگ باڊي مشتمل هوندي:

| | |
|---|---|
| (i) ڪچي آبادين لاءِ وزير | چيئرمين |
| (ii)مڪاني حڪومت کاتي جو سيڪريٽري | سرڪاري ميمبر |
| (iii)(لينڊ يوٽيلائيزيشن) بورڊ آف روينيو جو ميمبر | سرڪاري ميمبر |
| (iv) ڪمشنر ڪراچي ڊويزن | سرڪاري ميمبر |
| (v) ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن | سرڪاري ميمبر |
| (vi) ڪمشنر سکر ڊويزن | سرڪاري ميمبر |
| (vii) ڊائريڪٽر جنرل | سرڪاري ميمبر |
| (viii)اٿارٽي جي ماليات ۽ انتظاميه جو ڊائريڪٽر | سرڪاري ميمبر |
| (ix) ميئر ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن | غير سرڪاري |

| | |
|---|---|
| ڪراچي | ميمبر |
| (x) ميئر ميونسپل ڪارپوريشن حيدرآباد | غير سرڪاري ميمبر |
| (xi) ميئر ميونسپل ڪارپوريشن سکر | غير سرڪاري ميمبر |
| (xii)صوبائي اسيمبلي جا چار ميمبر حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا | غير سرڪاري ميمبر |

(2) ماليات ۽ انتظاميہ جو ڊائريڪٽر گورننگ باڊي جو سيڪريٽري هوندو.

(3) حڪومت ڪنهن بہ وقت تي ڪنهن شخص کي موجوده ميمبر يا ٻي صورت ۾, جي جاءِ تي سرڪاري يا غير سرڪاري ميمبرمقرر ڪري ، گورننگ باڊي جي جوڙجڪ تبديل ڪري سگهي ٿي.

(4) گورننگ باڊي ڪنهن شخص کي ڪنهن مخصوص مقصد لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿي، پر اهڙي شخص کي ووٽ جو حق حاصل نہ هوندو.

(5)چيئرمين ڪنهن ميمبر کي پنهنجي غير موجودگي ۾ چيئرمين طور ڪم ڪرڻ لاءِ نامزد ڪري سگهي ٿو.

(6)سرڪاري ميمبر عهدو ڇڏڻ جي صورت ۾ ميمبر نہ رهندو.

(7)حڪومت طرفان مقرر ڪيل غير سرڪاري ميمبر

حڪومت جي مرضي سان عهدو رکي سگهندو پر ڪنهن به وقت تي حڪومت کي خط لکي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

**ميمبرز جي نااهلي**
**Disqualification of the members**

7. ڪو به شخص ميمبر نه رهندو يا ميمبر طور جاري نه رکي سگهندو جيڪو:

(i) سرڪاري ملازمت يا قانون ساز باڊي جي ملازمت کان هٽايو يا برطرف ڪيو ويو آهي؛

(ii) ذهني يا جسماني طور تي معذور آهي يا ٿي ويو آهي؛

(iii) بداخلاقي جي ڏوهه ۾ سزا يافته آهي يا سزا ٻڌائي وئي آهي؛

(iv) هن ايڪٽ جي گنجائش خلاف ڪم ڪيو آهي يا ڪم ڪري رهيو آهي؛

(v) اٿارٽي جي ڪنهن پروجيڪٽ يا اسڪيم ۾ سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت مالي مفاد هجي؛

(vi) اٿارٽي جي مفاد سان سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ٽڪراءَ ۾ هجي.

**ميمبرز کي معاوضو ۽ الائونسز**
**Remuneration and allowances to members**

8. اٿارٽي غير سرڪاري ميمبرن کي اهڙو معاوضو الائونس يا ٻي سهولت جي اجازت ڏئي سگهجي، جيئن اها حڪومت جي منظوري سان طئي ڪري.

| | |
|---|---|
| 9.(1) حڪومت اهڙي اهليت رکندڙ شخص کي ڊائريڪٽر جنرل طور مقرر ڪندي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن اها طئي ڪري. | ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ برطرفي Appointment and removal of Director General |
| (2) ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو. | |
| (3)حڪومت ڊائريڪٽر جنرل کي هٽائي سگهي ٿي، جيڪڏهن اهو: | |
| (a) هن ايڪٽ تحت پنهنجا ڪم ڪرڻ ۽ ذميداريون ادا ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو يا ناڪام ٿئي ٿو يا نااهل ٿي وڃي ٿو. | |
| (b)ڊائريڪٽر جنرل طور پنهنجي حيثيت خراب ڪري ٿو. | |
| (c) سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت اٿارٽي جي ڪنهن ملڪيت، اسڪيم يا ٻئي ڪنهن معاملي ۾ ڪو حصو يا مفاد حاصل ڪيو هجي يا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي؛ | |
| (4) ڊائريڪٽر جنرل کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ سندس عهدي تان نہ هٽايو ويندو. | |
| 10.(1) اٿارٽي پنهنجي ڪمن جي بهتر ادائگي لاءِ اهڙا صلاحڪار، عملدار، بشمول ڊائريڪٽر فنانس اينڊ ايڊمنسٽريشن ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽرز جنرل ۽ ٻيو عملو جيڪو اهڙي پروفيشنل، ٽيڪنيڪل، منسٽيريل يا سيڪريٽريل قابليت ۽ تجربو رکندو هجي، اهڙي طريقي ۽ اهڙين شرطن ۽ | عملدارن، صلاحڪارن ۽ ملازمن جي مقرري Appointment of Officers, Advisors and |

ضابطن تحت مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

employees

(2)عملدار، عملو ۽ اٿارٽي جا ملازم اهڙي انتظامي قدم جا مستحق هوندا ۽ اهڙيءَ ريت جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

## باب _III

## حصو _I

## اٿارٽي جا اختيار ۽ ڪم ۽ ان جو عملو

## Chapter_III

## Part_I

## Powers and Functions of the Authority and its Functionaries

اٿارٽي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Authority

11.(1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب اٿارٽي اهڙا اختيار استعمال ڪندي ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندي، جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

(2)مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اٿارٽي:

(i) ڪچين آبادين جي علائقن جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ ۽ اهڙين ڪچين آبادين جي مستقلي لاءِ حڪومت طرفان جوڙيل حڪمت عملين تي عمل ڪري سگهي ٿي؛

(ii) لاڳاپيل اختيارين طرفان اهڙين حڪمت عملين تي عملدرآمد لاءِ رهنمايون جوڙي سگهي ٿي؛

(iii) ڪچين آبادين يا ان سلسلي ۾ علائقن ڪي سڃاڻپ ڏئي سگهي ٿي، جن هن ايڪٽ تحت ترقي، سڌارو يا مستقلي ٿيڻي آهي ۽ انهن ڪچين آبادين يا علائقن جي پڻ سڃاڻپ ڪري سگهي ٿي، جن جي ڪچين آبادين طور مستقلي ناهي ٿيڻي؛

(iv) تفصيلي طبي سرويز ڪرائي، ڪچين آبادين جي رهائشين جي ڳڻپ جا انتظام ڪري سگهي ٿي ۽ منصوبا ۽ ترقياتي منصوبا تيار ڪري جو سبب بڻجي سگهي ٿي ۽ ڪچين آبادين جي مستقلي ۽ ترقي سان لاڳاپيل ترقياتي ڪمن جا نمونا جوڙي سگهي ٿي؛

(v) ڪچين آبادين جي سلسلي ۾ ترقياتي ۽ مالياتي پروگرام جوڙي سگهي ٿي ۽ اهڙن پروگرامن تي عملدرآمد جي حڪمت عملي طئي ڪري سگهي ٿي؛

(vi) فنڊ جي هلائڻ جي نگراني ڪري سگهي ٿي؛

(vii) غير قانوني رهندڙ ماڻهن کي خالي ڪرائي يا خالي ڪرائڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي يا ڪچي آبادي يا ڪنهن علائقي مان جيڪو وقتي طور لاڳو قانون موجب ڪچي آبادي طور مستقل ڪرڻ لائق نہ آهي ان مان حد دخليون هٽائي يا هٽائڻ جو سبب بڻجي

سگهي ٿي؛

(viii) متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪري، رکي، ضابطو رکي ۽ سنڀالي سگهي ٿي يا اهڙي ملڪيت نيڪال ڪري سگهي ٿي؛

(ix) اسڪيم يا اسڪيمون تيار ڪري يا تيار ڪرڻ جو سبب بڻجي ۽ اهڙي اسڪيم يا اسڪيمن کي مڪمل ڪري يا مڪمل ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي؛

(x) جتي ضروري سمجهي گهٽ قيمت واريون هائوسنگ ۽ ڪچي آبادين ۾ انهن علائقن مان جيڪي ڪچي آبادي طور مستقلي لائق نہ آهن، انهن مان منتقل ڪيلن جي ٻيهر آبادي لاءِ ٻيون ترقياتي اسڪيمون جوڙي سگهي ٿي؛

(xi) ٽيڪن ۾ داخل ٿي ۽ ٽيڪا ڪٽي سگهي ٿي؛

(xii) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ برداشت ڪري سگهي ٿي؛

(xiii) ڪائونسلز ۽ ٻين لاڳاپيل ايجنسز ذريعي ڪچين آبادين ۾ عوامي سهولتن ۽ عوامي خدمتن جو انتظام ڪري سگهي ٿي؛

(xiv) اهڙا قدم کڻي سگهي ٿي، جيڪي اٿارٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري ۽ فائديمند هجن.

**اٿارٽي جو ڪاروهنوار ۽ گڏجاڻيون**
**Disposal of the business and Meetings of the Authority**

12. (1) اٿارٽي جو سمورو ڪاروهنوار ضابطن موجب بيان ڪيل طريقي تحت گورننگ باڊي جي گڏجاڻين ذريعي هلايو ويندو.

(2) گورننگ باڊي جي گڏجاڻي اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي وقت ۽ هنڌ تي ڪوٺائي ويندي جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ جيستائين ان سلسلي ۾ ضابطا جوڙيا وڃن، ڪاروهنوار اهڙيءَ ريت هلايو ويندو ۽ گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت ڪوٺايون ۽ صدارت ڪئي ويندي ۽ اهڙيءَ ريت جيئن چيئرمين طرفان هدايت ڪئي وئي هجي.

(3) ڪو بہ معاملو جنهن جو فيصلو اٿارٽي طرفان ٿيڻو هجي اهو اٿارٽي جي گڏجاڻيءَ ۾ موجود ميمبرن جي اڪثريت طرفان ووٽ ذريعي طئي ڪيو ويندو.

(4)هر ميمبر کي هڪ ووٽ حاصل هوندو ۽ ووٽن جي برابري جي صورت ۾، چيئرمين کي ووٽ جو حق حاصل هوندو.

(5)اٿارٽي جي ڪل ميمبر شپ جو هڪ پاڱي تي حصو گڏجاڻيءَ جو ڪورم جوڙيندو.

**چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم**
**Powers and Functions the**

13. چيئرمين اهڙيون ذميداريون سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا ڪم ڪندو جيڪي ان کي هن ايڪٽ تحت سونپيا ويا هجن.

| | |
|---|---|
| Chairman | |
| ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار ۽ ڪم<br>Powers and Functions of the Director General | 14.(1) ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو.<br>(2) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب ۽ چيئرمين جي عام ضابطي هيٺ, ڊائريڪٽر جنرل:<br>(a) اٿارٽي تي موثر ضابطو هوندس ۽ اٿارٽي جي روز مره جي معاملن کي بهتر نموني هلائڻ لاءِ ذميدار هوندو;<br>(b)اٿارٽي جي مالياتي ۽ ايگزيڪيوٽو انتظامن جي نگراني ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو جيڪي کيس هن ايڪٽ تحت سونپيا يا منتقل ڪيا ويا هجن;<br>(c)اٿارٽي لاءِ ۽ ان جي طرفان قانوني ڪارروائي شروع ڪرڻ يا حصو وٺڻ لاءِ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ ذميدار هوندو;<br>(d)اٿارٽي جي حڪمن لاءِ ۽ حڪمن جي نگراني ۽ انهن تي عملدرآمد لاءِ ذميدار ۽ بااختيار هوندو;<br>(e)اٿارٽي جي عملدارن مٿان انتظامي ضابطو رکڻ جو اختيار هوندس. |
| ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي جوڙجڪ<br>Constitution of the Coordination | 15. (1) هر ڊويزن ۾ هڪ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي هوندي.<br>(2) ڪميٽي ڊويزن جي ڪمشنر تي مشتمل هوندي, جيڪو ان جو چيئرمين هوندو ۽ اهڙا ٻيا سرڪاري ۽ غير |

سرڪاري ميمبرز جيڪي حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا.

Committee

(3)ڪميٽي ڪنهن شخص کي پنهنجي ڪنهن خاص مقصد لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿي.

ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جا ڪم
Functions of the Coordination Committee

16.(1) ڪميٽي:

(i) اٿارٽي ان جي ڪمن جي ادائگي ۾ مدد ڪندي؛

(ii) ڊويزن ۾ بين لاڳاپيل ايجنسيز سان اٿارٽي جي سرگرمين ۾ موثر سهڪار لاءِ ذميدار هوندي؛

(iii) ڪچي آبادين ۾ حددخلين کان بچاءَ کي يقيني بڻائيندي؛

(iv) اهڙا قدم کڻندي جيڪي ضروري ۽ هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ فائديمند هجن؛

(v) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندي جيڪي ان کي اٿارٽي طرفان سونپيا وڃن.

(2) ڪميٽي اهڙيءَ ريت ڪم ڪندي جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛ بشرطيڪ جيستائين اهڙا ضابطا جوڙيا وڃن, ڪميٽي اهڙيءَ ريت ڪم ڪندي جيئن ڪميٽي جي چيئرمين طرفان هدايت ڪئي وڃي.

اٿارٽي, چيئرمين ۽ ڊائريڪٽر جنرل طرفان اختيارن جي

17.(1) اٿارٽي حڪومت جي اڳواٽ منظوري سان ۽ اهڙين شرطن موجب, جيئن اها مڙهي, ڪنهن شخص, ايجنسي يا اٿارٽي کي هن ايڪٽ, قاعدن يا ضابطن تحت پنهنجا ڪي

بہ اختيار، ذميداريون يا ڪم سونپي سگهي ٿي.

**منتقلي**
**Delegation of powers by the Authority, Chairman and Director General**

(2) چيئرمين يا ڊائريڪٽر جنرل هن ايڪٽ، قاعدن يا ضابطن تحت پنهنجا ڪي بہ اختيار، ذميداريون يا ڪم ڪنهن عملدار يا اٿارٽي جي ملازم کي سونپي سگهي ٿو سواءِ ذيلي دفعہ (1) تحت ڪيس سونپيل اختيارن جي.

**مالياتي، فني صلاحڪاري ڪميٽي**
**Financial Technical Advisory Committee**

18. اٿارٽي مالياتي، فني يا صلاحڪاري ڪميٽي اهڙي جوڙجڪ ۽ ڪمن سان جوڙي سگهي ٿي، جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

## باب _ IV

## ڪچي آبادين جو اعلان ۽ زمين وٺڻ

## Chapter_IV

## Declaration of Katchi Abadis and Acquisition of Land

**ڪچي آبادي جو اعلان**
**Declaration of Katchi Abadi**

19.(1) ذيلي دفعات (2)، (3) ۽ (4) ۾ حڪومت جي هدايتن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن، اٿارٽي اهڙي جاچ ڪانپوءِ جيڪا اها موزون سمجهي، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن ايراضي يا ان جي حصي کي جيڪو 23 مارچ 1985 کان اڳ عارضي طور يا مڪمل طور غير قانوني طور والاريل آهي ۽ والار جاري رکي ٿو ان کي ڪچي آبادي طور اعلان ڪري سگهي ٿي.

(2) ايراضي جيڪا وفاقي حڪومت جي مالڪي هيٺ

هجي سواءِ وفاقي حڪومت جي اجازت وٺڻ جي ان کي ڪچي آبادي طور اعلان نٿو ڪري سگهجي.

(3) نجي شخص يا ڪوآپريٽو سوسائٽي جي مالڪي هيٺ ڪا ايراضي ڪچي آبادي طور اعلان نہ ڪئي ويندي سواءِ اهڙي شخص يا سوسائٽي جي اجازت جي ۽ اهڙيءَ ريت اعلانيل ڪچي آبادي اهڙين شرطن ۽ ظابطن تحت هوندي جن تي اهڙي شخص، يا جيئن معاملو هجي، سوسائٽي ۽ اٿارٽي وچ ۾ راضپو ظاهر ڪيو وڃي.

(4) سواءِ جيئن ٻي صورت ۾ حڪومت طرفان هدايت ڪئي وئي هجي، ڪا بہ ايراضي جيڪا روڊن، گهٽين، واٽر سپلاءِ انتظامن، سيوريج يا ٻين مخصوص انتظامن، اسپتالن، اسڪولن، ڪاليجن، لائبريريز، راندين جي گرائونڊز، باغن، مسجدن، قبرستانن، ريلويز، هاءِ ٽينشن لائنز يا اهڙن ٻين مقصدن لاءِ مخصوص هجي يا ٻوڏ جي تباهي کان محفوظ نہ آهي، اها ڪچي آبادي طور اعلان نہ ڪئي ويندي.

(5) ڪا بہ ايراضي جيڪا ڪچي آبادي طور اعلان ڪئي وڃي، ذيلي دفعہ (3) ۾ ڄاڻايل معاهدي موجب اٿارٽي ۾ رهندي.

(6) جتي اٿارٽي ان خيال جي آهي تہ ذيلي دفعہ (3) ۾ ڄاڻايل ايراضي راضپي يا معاهدي سان حاصل ڪري نٿي سگهي تہ ايراضي حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 جي باب IV جي گنجائشن موجب حاصل ڪئي ۽ ان جو معاوضو ادا ڪيو ويندو جيڪا هن ايڪٽ جي

مقصدن لاءِ تبديل ڪيل سمجهي ويندي، جهڙوڪ:

(a) اٿارٽي، ان جي چيئرمين ۽ ميمبر ڏانهن حوالا ترتيبوار هن ايڪٽ تحت جوڙيل اٿارٽي، چيئرمين ۽ ميمبر ڏانهن سمجهيا ويندا.

(b)ايراضي حاصل ڪرڻ لاءِ معاوضو ان سلسلي ۾ جوڙيل ٽربيونل طرفان طئي ڪيو ۽ ڏنو ويندو.

(c)معاوضو طئي ڪرڻ يا ادائگي لاءِ ٽربيونل کي ڪليڪٽر جا سمورا اختيار هوندا.

(d)دفعات 44، 45 ۽ 46 ۾ ڪليڪٽر ڏانهن حوالا ترتيبوار ٽربيونل ڏانهن سمجهيا ويندا.

(7) حڪومت ٽربيونل طور بي ايس- 17 يا 18 ۾ ڪو عملدار مقرر ڪري سگهي ٿي.

(8) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ٽربيونل قائم ڪري سگهي ٿي ۽ ايراضي بيان ڪري سگهي ٿي، جنهن ۾ اهڙي ٽربيونل کي دائره اختيار هوندو.

## باب - V

## ڪچي آبادين جي ترقي، سڌارو ۽ مستقلي ۽ ان سلسلي ۾ اسڪيمون

## Chapter_V

## Development, Improvement and Regularization of Katchi Abadis and

## Schemes therefore

| | |
|---|---|
| 20.(1) ذيلي دفعہ (2) تحت اٿارٽي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڪچي آبادين کي ترقي وٺرائيندي، سڌارو آڻيندي يا مستقل ڪندي. | ڪچين آبادين جي ترقي ۽ سڌارو<br>Development and improvement of Katchi Abadis |
| (2) هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ اهڙيءَ طرح اعلانيل ڪچي آباديون سڌاري، ترقي يا مستقلي جي مقصد لاءِ ڪائونسل ۾ ٿي رهنديون، جنهن ۾ اهڙيون ڪچي آباديون واقع آهن. | |
| (3)اٿارٽي ڪنهن بہ وقت تي ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل ڪچي آبادين کي تحويل ۾ وٺي سگهي ٿي، جنهن کان پوءِ سمورا حق ۽ ورتل فائدا، قبضي ۾ رکيل يا ڪائونسل ۾ شامل ۽ اهڙيون رهتون جيڪي قانوني طور ڪائونسل ڏانهن هجن، جيئن حڪومت طئي ڪري اٿارٽي ڏانهن منتقل ٿي ويندا. | |
| 21.(1) اٿارٽي ڪچي آبادين جي ترقي، سڌاري يا مستقلي لاءِ اسڪيم يا اسڪيمون تيار ڪندي يا تيار ڪرڻ جو سبب بڻجندي ۽ اهڙيءَ ريت تيار ڪيل اسڪيم يا اسڪيمون منظوري لاءِ حڪومت کي جمع ڪرايون وينديون. | اسڪيمون<br>Schemes |
| (2)اسڪيم جو واسطو ٿي سگهي ٿو: | |
| (a)ڪميونٽي پلاننگ، هائوسنگ، ري هائوسنگ بشمول گهٽ قيمت جي گهرن ۽ ترقياتي ڪمن جي؛ | |
| (b)ڪچي آبادي جي قانوني يا غير قانوني رهندڙن جي | |

ساڳي ڪچي آبادي ۾ بحالي يا جتي اهو ممڪن نہ آهي تہ ڪنهن ٻئي ايراضي يا لوڪلٽي ۾ بحالي؛

(c) ڪميونٽي سهولتون بشمول واٽر سپلاءِ، سيوبج ڊسپوزل، بجلي فراهمي، گئس ۽ ٻيون عوامي سهولتون يا خدمتون؛

(d) روڊ ۽ گهٽيون؛

(e) ليز جون شرط ۽ ضابطا بشمول ليز جو عرصو ۽ طريقيڪار ۽ ليز حقن جي منتقلي؛

(f) ليز جي رقم ۽ ترقياتي چارجز؛

(g) ڪو بہ ڪم يا معاملو جيڪو هن ايڪٽ جي مقصدن سان جڙيل يا لاڳاپيل هجي.

(3) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ذيلي دفعہ (2) ۾ ڏنل مضمون جي فهرست تبديل يا ترميم ڪري سگهي ٿي، ۽ اهڙو ڪو اضافو يا تبديلي تڏهن عمل ۾ ايندي، جڏهن هن ايڪٽ ۾ شامل ڪئي ويندي.

(4) سموريون اسڪيمون اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي طريقي تيار ڪيون وينديون، جيئن حڪومت بيان ڪري، ۽ ٻين شين سان گڏ هيٺين معلومات شامل هوندي، يعني:

(a) اسڪيم جا تفصيل ۽ ان جي عملدرآمد جو طريقو؛

(b) قيمتن ۽ منافعي جو ڪاٿو؛

(c) خرچن جو مختصر ڪرڻ جيڪي اسڪيم تحت

مختلف مقصدن لاءِ فراهم ڪيا ويندا؛

(d)شروعات جي تاريخ؛

(e)مڪمل ڪرڻ جي تاريخ.

(5) ڪنهن اسڪيم جي منظوري کان پوءِ ڪنهن بہ وقت تي پر ان جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ، حڪومت پنهنجي سر يا اٿارٽي جي سفارش تي ان کي تبديل ڪري سگھي ٿي.

(6) اٿارٽي منظور ڪيل اسڪيم يا اسڪيمن تي عملدرآمد ڪندي يا عملدرآمد ڪرڻ جو سبب بڻجندي ۽ اهڙا اپاءَ وٺندي ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندي، بشمول وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تحت حددخليون هٽائڻ جي اختيار جي، جيئن اها مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي.

## باب ـVI

## ماليات، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

## Chapter_VI

## Finance, Audit and Accounts

فنڊ Fund

22.(1) اٿارٽي جو هڪ الڳ فنڊ هوندو، جنهن کي ”سنڌ ڪچي آباديز اٿارٽي فنڊ“ سڏيو ويندو.

(2)فنڊ مشتمل هوندو:

(a) وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت يا ڪنهن لوڪل اٿارٽي طرفان حاصل ڪيل گرانٽس ۽

سبسڊي؛

(b)اٿارٽي طرفان گڏ ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛

(c)اٿارٽي طرفان حاصل ڪيل حصا يا چندا، امداد يا تحفا؛

(d)فيس، پريميم، ليز جي رقم، ترقياتي چارجز، ڪميشنز، اگهه، هن ايڪٽ تحت اوڳاڙيل ياڙو ۽ اٿارٽي طرفان فراهم ڪيل خدمتن لاءِ ٻيون چارجز؛

(e)ٻيون سموريون رقمون جيڪي اٿارٽي طرفان وصولي جوڳيون آهن.

**قرض، گرانٽس، امداد ۽ تحفا**
**Loans, grants, aids and gifts**

23. اٿارٽي اڳواٽ منظوري سان ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن حڪومت طرفان منظور ڪيو وڃي، حاصل ڪري سگهي ٿي:

(i) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بئنڪن ۽ ٻين ذريعن کان قرض؛

(ii) پاڪستان يا پرڏيهي نسل جي ڊونر ايجنسيز کان گرانٽس، امداد يا تحفا.

**سيڙپڪاري ۽ فنڊ جو استعمال**
**Investment and utilization of the Fund**

24.(1) فنڊ ۾ رکيل رقم اٿارٽي طرفان منظور ڪيل شيڊولڊ بئنڪ ۾ جمع ڪرائي ويندي.

(2) اٿارٽي وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن سڪيورٽي يا حڪومت طرفان منظور ڪيل ٻي ڪنهن سڪيورٽي ۾ پنهنجا فنڊز سيڙائي سگهي ٿي.

(3) اٿارٽي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ فنڊ استعمال ڪندي بشمول هيٺين ادائگي ٿي:

(a) ڪچين آبادين جي مستقلي ۽ ترقيءَ ۽ اسڪيم مڪمل ڪرڻ سان لاڳاپيل چارجز؛

(b)هن ايڪٽ تحت حاصل ڪيل ڪنهن ملڪيت لاءِ معاوضو؛

(c)قرض ۽ ان سلسلي ۾ وياج؛

(d)ميمبرز، عملدارن بشمول ڊائريڪٽر جنرل، ماهرن، صلاحڪارن، هن ايڪٽ تحت ڪنهن لاءِ رکيل ايجنسيز ۽ اٿارٽي جي ٻين ملازمن کي پگهارون ۽ ٻيو معاوضو.

بجيٽ
Budget

25.(1) اٿارٽي هر مالي سال لاءِ حاصل ڪيل ۽ خرچ ڪيل ڪاٿن جو بيان تيار ڪندي ۽ اهڙو بيان اهڙي مالي سال جي شروعات کان گهٽ ۾ گهٽ ٻه مهينا اڳ حڪومت کي جمع ڪرائيندي.

(2)حڪومت ذيلي دفعه (1) تحت جمع ڪرايل بجيٽ تبديلي سان يا بنا تبديلي جي منظور ڪري سگهي ٿي.

(3) جيڪڏهن حڪومت طرفان منظور ڪيل بجيٽ مالي سال جي شروعات کان اڳ حاصل ناهي ٿي ته اها منظور ڪيل سمجهي ويندي.

اڪائونٽس ۽ آڊٽ

26.(1) اٿارٽي فنڊ جا مڪمل ۽ درست اڪائونٽس رکندي ۽

| | |
|---|---|
| Accounts and Audit | رکڻ جو سبب بڻجندي اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي. |
| | (2)اٿارٽي جا اڪائونٽس هر مالي سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو اهڙن آڊيٽرز طرفان آڊٽ ڪيا ويندا، جن جي حڪومت طرفان منظوري ڏني وئي هجي. |
| | (3)ذيلي دفعه (2) تحت حتمي طور آڊٽ ڪيل اڪائونٽس جو بيان آڊيٽرز جي رپورٽن سان گڏ هر مالي سال جي ختم ٿيڻ کان ڇهن مهينن اندر حڪومت کي جمع ڪرايو ويندو. |
| بهتري جي في Betterment fee | 27. (1) جيڪڏهن اٿارٽي ان خيال جي آهي تہ ڪنهن اسڪيم مڪمل ٿيڻ جي نتيجي ۾ اهڙي اسڪيم ۾ شامل ملڪيت جو ملهہ وڌيو آهي يا وڌندو تہ اها اهڙي ملڪيت تي بهتري جي في لڳائي سگهي ٿي ۽ ساڳي ان سلسلي ۾ مالڪ کان وصول ڪري يا ڪنهن شخص کان جنهن جي قبضي ۾ هجي يا جنهن کي ان سلسلي ۾ مفاد هجي، ان کان وصول ڪري سگهي ٿي. |
| | (2) بهتري جي في اهڙي قيمت تي اهڙيءَ ريت لڳائي ويندي جيئن اٿارٽي طرفان حڪومت جي منظوري سان طئي ڪئي وئي هجي; بشرطيڪ اهڙي في ملڪيت جي اسڪيم جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ قيمت جي اڌ کان وڌيڪ نہ هوندي، جنهن جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ملڪيت جو ملهہ وڌي ويو هجي. |
| | (3) جڏهن اٿارٽي کي لڳي تہ ڪا اسڪيم اعليٰ معيار جي آهي تہ بهتري جي في طئي ڪرڻ لاءِ اٿارٽي ان سلسلي |

۾ حڪم ذريعي بهتري جي في لڳائڻ جي مقصد لاءِ اعلان ڪري سگهي ٿي، اسڪيم جو ڪم مڪمل ڪيو ويندو ۽ ان سلسلي ۾ ملڪيت جي مالڪ يا ان سلسلي ۾ قبضو رکندڙ ڪنهن شخص يا ان ۾ دلچسپي رکندڙ کي لکت ۾ نوٽيس ڏنو ويندو ته اٿارٽي اهڙي ملڪيت جي سلسلي ۾ بهتري جي في طئي ڪرڻ جي آڇ ڪري ٿي.

(4)اٿارٽي ذيلي دفعه (3) تحت نوٽيس پهچائڻ جي پندرهن ڏينهن کان پوءِ يا جيڪڏهن ڪا ريپريزنٽيشن بهتري جي في طئي ڪرڻ لاءِ اٿارٽي طرفان حاصل ڪئي وئي آهي، اهڙي ريپريزنٽيشن جي رد ٿيڻ کانپوءِ بهتري جي في اهڙيءَ ريت لڳائي ۽ جمع ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙي طريقي جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

رهتن جي اوڳاڙي
Recovery of Dues

28. اٿارٽي ڏانهن ڪنهن شخص يا ماڻهن جي باڊي يا ايجنسي طرفان رهتون لينڊ روينيو جي رهتن طور اوڳاڙي لائق هونديون.

## باب _VII

## ڏوهه ۽ انهن جو ازالو

## Chapter_VII

## Offences and their cognizance

ڏنڊ
Penalty

29.(1) ڪو شخص جيڪو ڪنهن شخص کي پنهنجي ذميدارين جي ادائگي يا هن ايڪٽ تحت ڪنهن اسڪيم يا ڪم جي مڪمل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو يا رڪاوٽ

جو سبب بڻجي ٿو اهڙي اسڪيم يا ڪم جي سلسلي ۾ هن ايڪٽ، قاعدن يا ضابطن تحت ڏنل حڪم يا هدايت جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ڀڃڪڙي جي ڪوشش ڪري ٿو يا ڀڃڪڙي ۾ مدد ڪري ٿو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جنهن جو مدو هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ، جيڪو ويهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

(2)جتي ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل شخص جي ڪا ڪمپني يا فرم آهي، ته لاڳاپيل ڊائريڪٽر، عملدار يا ان سلسلي ۾ ايجنٽ، جيڪو اهو ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته ڏوهه سندس ڄاڻ کان سواءِ ڪيو ويو آهي يا هن اهڙي ڏوهه کي روڪڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي ته اهو اهڙي ڏوهه جو ڏوهي سمجهيو ويندو.

ڏوهه جو ازالو
Cognizance of offence

30.(1) ڪنهن عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڏوهه تي دائره اختيار نه هوندو سواءِ جيستائين ڊائريڪٽر جنرل يا سندس طرفان مڪمل طور بااختيار بڻايل شخص طرفان ان سلسلي ۾ لکت ۾ شڪايت نه ڪئي وڃي.

(2) هن ايڪٽ، قاعدن يا ضابطن تحت ڪنهن ڏوهه تي فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ جي عدالت کان گهٽ ڪا عدالت ڪارروائي نه ڪري سگهندي.

## باب _VIII

## متفرق گنجائشون

## Chapter_VIII

## Miscellaneous Provisions

هدايتون ڏيڻ لاءِ حڪومت جو اختيار
Power of Government to give directions

31.(1) حڪومت اٿارٽي کان اٿارٽي جي ضابطي هيٺ ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ ڪو دستاويز، ريٽرنز، بيان، تفصيل يا ٻي معلومات طلب ڪري سگهي ٿي ۽ اٿارٽي اهڙي طلبي تي عمل ڪندي.

(2)حڪومت وقت بوقت اهڙيون هدايتون ڏيندي، جيڪي اها رهنمائي ۽ اٿارٽي طرفان عمل لاءِ ضروري سمجهي.

اٿارٽي جي معاملن جي ڪارڪردگي تي رپورٽ
Report on the conduct of the affairs of the Authority

32. اٿارٽي مالي سال ختم ٿيڻ جي ٽن مهينن اندر حڪومت کي ان مالي سان جي معاملن جي ادائگي جي حوالي سان رپورٽ جمع ڪرائيندي.

ڪچي آبادي جي منتقلي
Transfer of Katchi Abadi

33. جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، اٿارٽي حڪومت جي منظوري سان ڪچي آبادي جا انتظام ۽ ضابطو ڪائونسل ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿي جنهن ۾ اهڙي ڪچي آبادي واقع آهي ۽ ڪائونسل اهڙي ڪچي آبادي کي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب هلائيندي جيستائين ان جا انتظام ۽ ضابطو اٿارٽي طرفان واپس نه ورتو وڃي.

قدمن ۽ ڪارروواين جو

34.اٿارٽي جو ڪو به قدم يا ڪارروائي ان جي گورننگ

موثر هئڻ
Validation of acts and proceedings

باڊي ۾ ڪنهن آسامي يا ان جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص سبب غير موثر نہ هوندو.

ٻين قانون ساز باڊيز جي اختيارن جو استعمال
Exercise of powers of other Statutory Bodies

35. جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي، بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي، حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي يا ٻيون ڪائونسلز اهڙي تاريخ تي ۽ ان کان پوءِ جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪري ڪچي آبادي ۾ سمورا يا پنهنجا ڪي ڪم جيڪي نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل هجن، ڪرڻ بند ڪديون ۽ اهڙا ڪم اهڙين شرطن ۽ پابنديـن سان جيئن ڄاڻايل نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل ويو هجي، اٿارٽي طرفان سرانجام ڏنا ويندا.

اپيلون
Appeals

36.(1) هن ايڪٽ، قاعدن يا ضابطن تحت جاري ڪيل حڪم سان متاثر ڪو شخص، سواءِ دفعہ 19 جي ذيلي دفعہ (6) تحت حڪم يا ايوارڊ جي، اهڙي اٿارٽي کي اهڙي طريقي ۽ اهڙي عرصي اندر اپيل ڪري سگهي ٿو جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

(2)اپيل جو اهڙيءَ ريت نيڪال ڪيو ويندو جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي ۽ اپيل تي جاري ڪيل حڪم حتمي هوندو.

اٿارٽي جا ملازم سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا

37. سمورا ماڻهو بشمول گورننگ باڊي جي ميمبرز ۽ هن ايڪٽ تحت جوڙيل ڪنهن ٻي ڪميٽي جي، صلاحڪار، ماهر، ڪنسلٽنٽس ۽ اٿارٽي جا ملازم هن ايڪٽ، قاعدن يا

**Functionaries of the Authority deemed to be public servants**

ضابطن تحت ڪم ڪري رهيا هجن يا ڪم لاءِ تيار هجن، اهي پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 21 تحت سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

**دائره اختيار تي پابندي**
**Bar of Jurisdiction**

38. ڪنهن بہ عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪجھ بہ ڪرڻ يا ڪجھ بہ ڪرڻ جي ارادي يا ڪجھ بہ ڪرڻ جي ڪوشش جي سلسلي ۾ ڪا ڪارروائي ڪرڻ، ڪو فيصلو ٻڌائڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو دائره اختيار نہ هوندو.

**چوٽ**
**Indemnity**

39. هن ايڪٽ، قاعدن يا ضابطن تحت سٺي نيت سان ڪجھ بہ ڪرڻ يا ڪجھ بہ ڪرڻ جي ارادي تي اٿارٽي يا ڪنهن ميمبر، عملدار، ملازم يا اٿارٽي جي عملي، يا اٿارٽي جي هدايت تحت ڪم ڪندڙ ڪنهن شخص يا ان جي ڪنهن عملدار خلاف ڪو مقدمو ڪو ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي.

**قاعدا**
**Rules**

40. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**ضابطا**
**Regulations**

41. هن ايڪٽ ۽ قاعدن جي گنجائشن موجب، اٿارٽي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

**رنڊڪون هٽائڻ**
**Removal of difficulties**

42. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي ڪن گنجائشن کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي تہ حڪومت اهڙو حڪم ڪري سگهي ٿي جيڪو اهڙي رنڊڪ هٽائڻ لاءِ ضروري يا لازمي سمجهي.

| | |
|---|---|
| 43. سنڌ ڪچي آباديون آرڊيننس، 1986 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي Repeal |
| **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |